Bha

38

117

UTTAM S. NAGPAL
4. HIRA ... CO-OP. H. SOC.
Near ... Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.

B-8 (142)

سِنڌڙي ٿِي ڳائي

SINDHUNAGAR-421 004.
000036
...GAR-421 004

نارايڻ ڀارتي

لوڪ ساهتيه پرڪاش

اشوڪ پريس، اُلهاس نگر ٣

شري نارائڻ ڀارتي

چترڪار:- شري اين- ميلواڻي

فهرست

چا بابت | صفحو

١. پي. آنند وٽان - ٧-١٠

٢. شروعات - ١١-١٨

٣. سنڌڙي تي ڳائي - ١٩-٤٢

پاشا ۽ اپپاشا، سرلي ٻولي،
سرلي گيت، وچولي ٻولي،
وچولي گيت، لاڙي ٻولي،
لاڙي گيت، ٿري ٻولي،
ٿري گيت، لاسي ٻولي،
لاسي گيت، آخر ۾.

٤. لاڏا بيٺي ڳايان - ٤٣-٨٦

لاڏا ڇا آهن، واڌائي، ٻوچڻي
پرڻو، سات سڳڻ، اهنڌر،
ڏک، ڇڇ، وهڏي، سمت قيرا،
زيور، آخر ۾.

٥. سماجڪ پس منظر - ٨٧-١١٤

مدي، سنڌ، ٻتي-ٻتني، ماءُ-ڌيءُ
پيڪن لاءِ سڪ، اڻ جوڙ
شادي ٻونون، الوداعي گيت، سڪي
ڪتب، آخر ۾، گڏ ڪرڻ.

٦. لهرن لکم لباس - ١١٥-١٥٠

ٿري گيت، راجستاني گيت ۽
هڪجهڙائي.

چپائيندڙ:-
پي- آنند
لوڪ - ساهتيہ پرڪاشن.
اشوڪ پريس، الهاس نگر-٣.

قيمت ١- روپيہ
آڪٽوبر، ١٩٦١ع
ڇاپو پهريون
حق واسطا قائم

ڇپيندڙ:-
صرپراج پدواڻي
انقلاب پرنٽنگ پريس،
شواجي چونڪ، الهاس نگر-٣.

"پنهنجي ڳالهہ" صفحہ ت ۾ سٽ ٣ ۾ داد جي بدران دادا پڙهو ۽ ٧ ۾ ڪاٺ بدران ڪارڻ پڙهو.

پي. آنند وٽان:-

مون اوهان سان هن وقت تائين "لوڪ ساهتيه پرڪاشن" جي پرڪاشت ڪتابن (١) لوڪ گيت (هڪ نظر ۾)، (٢) هڏ ڄمالو، (٣) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، (۴) سنڌي لوڪ- ڪلا ۽ (۵) الهاسڪ لوڪ- ڪٿائون، ذريعي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. هن سان ڏن ڏوارن مون پنهنجي پرڪاشن جو حقيقي چٽر اوهان اڳيان صاف چٽيو آهي ته "لوڪ- ساهتيه پرڪاشن لوڪ ٻولي ۽ سنڌ ۽ سنڌي ساهتيه پرڪاشت ڪرڻ جي ذميواري همراه ڪئي آهي، جنهن ۾ لوڪ جي ورتي واٽــي، واسطيداري، واڌارو، ورٿو، وڦتائتي گهٽتار، واقفيت، ونڊ ۽ وروڻه، ويچار وغيره پيش ٿيل هجي." ان ڪانسواءِ مون 'گذارش' ۾ پيش ڪئي آهي ته "سنڌي ادب ۾ هڪ خال نظر آيو جو هو لوڪ ساهتيه جو، گهڻي وقت کان زباني روايتن موجب هلندو آيل، اڻ پرڪاشت ٿيل ادب، جنهن جو اڪثر خزانو هميشه نئون نڪور و آهي ســو پرڪاشت ڪيو وينڊو."

لوڪ- ساهتيه پرڪاشن شري ناراڻ ڀــارتيءَ جون شيوائون گهڻي فخر ۽ شڪر گذاريءَ سان هٿ ڪيون آهن. هن صاحب جي ساراه ڪرڻ سج کــي ڏيئو ڏيکارڻ برابر آهي، سنڌي لوڪ- گيتن، لوڪ- ڪهاڻين

“واقف ۽ وڪار هجي،
پاڻي ڪڍيم نس پاڻ،

جهل جلداهون ڪري،
ٽڪس ڏهاري تاڻ،

اڳي اُڪَ لطيف چئي،
معذورن مٿاڻ،

اني اوڏو آڻ، جِتِ،
هوم! هيڪلي آهيان.”

— شاهه

عوام لاءِ آهي. ساهتيه جو مقصد عوام لاءِ "شوُم-ستيم-سندرم" جو سڌانت آهي. رچناتمڪ ساهتيه (جوڙجڪي ادب) ڪهڙي به حالت ۽ اوستا ۾ جنتا لاءِ لاڀڪاري آهي، پوءِ اهو ناول جي صورت ۾ هجي يا ڪهاڻيءَ جي، ناٽڪ جي روپ ۾ هجي يا ٻڪ-فيصلو ناٽڪ جي مضمون جي مهانڊي هجي يا ليکن جي، لوڪ-ساهتيه آهي. پر پراچين ۽ اڻ پرڪاشت جيڪو گهرو-جيون جو هو بهو چٽر هجي، جنهن کي ڪن ودوانن يا پڙهيل پنڊتن نه رچيو هجي پر اڻ-پڙهيل، ڳوٺاڻين، هارين ۽ ڪسانن جي ذالن ڪم ڪندي، پورهيو ڪندي، پيسو وهائيندي، پڪمشت ٿي زباني ٽڪ بندي ڪندي رچيو هجي ۽ ورهين کان هڪ زبان کان ٻئي زبان ٽائين وهڪري وانگيان وهندو هليو اچي، سو جيڪڏهن ڪتابي صورت ۾ انهن اڳيان اچي جن کي پڙهندي ۽ ٻڌندي آنند اچي اهو پرڪاشت ڪندي مونکي فخر ٿئي ٿو. اڄ منهنجو سپنو عملي روپ ۾ اچي رهيو آهي.

اسان کي سنڌي نيتا شري جئرامداس دولترام، پروفيسر ڊي. ڪي. منشارامائي، پروفيسر رام پنجواڻي، گوبند مالهي ۽ ٻين جيڪو سهڪار ڏنو آهي ان لاءِ اسين سندن شڪر گذار آهيون. اسان پرنسيپال ايل. ايچ. اجواڻي جا به تهدل شڪر گذار آهيون جنهن صاحب سڌيءَ طرح يا ٻيءَ طرح هدايت ڪئي آهي ته اسين پنهنجي دائري کان ٻاهر نه نڪرون.

۽ لوڪ-ڪلا بابت ڪوجدائڪ ساهتيہ، جنهن جي ڪرت
سڀني سنڌي اديبن محسوس پئي ڪئي، تنهن ڏس
۾ هن صاحب پنهنجو گڏ ڪيل ذخيرو 'لوڪ-ساهتيہ
پرڪاشن' حوالي ڪيو، ۽ اسين بہ ان ذخيري مان ڪٽو-
ڪٽو ڪري اوهان اڳيان ظاهر ڪري رهيا آهيون.
"سنڌڙي ٿي ڳائي". ان مان هڪ اهڙو ڪٽو آهي جو
اوهان کي اهو حاصل ڪري سنڌي لوڪ-ساهتيہ لاءِ
فخر جو احساس ٿيندو ۽ سنڌي ساهتيہ ۾ جا حقيقي
گهٽتائي هئي سا هاڻي ڏيري-ڏيري پوري ٿي رهي
آهي، اهو محسوس ڪندا.

اسانجو مقصد خاص سنڌي لوڪ-ساهتيہ شايع ڪرڻ
جو آهي پر انهن هرو ڀرو وسهڻ بہ نہ کپي تہ اسان سنڌي
ساهتيہ جو معيار اوچو ڪرڻ وارا ٻيا سندر ڪتاب نہ
ڇپائيندا سون. مان هن ڳالهہ-ٻولهہ ذريعي اهو صاف
ڪرڻ چاهيان ٿو تہ لوڪ-ساهتيہ پرڪاشن جلدي پنهنجو
پروگرام ادب جي ٻين شاخن ڏانهن وڌڻ جو بہ پرڪاشت
ڪندو. ٻارن جو ۽ استرين جو ساهتيہ سنڌي ٻوليءَ ۾
هو نہ بہ بلڪل گهٽ آهي، ان طرف قدم لوڻ ئي
کنيو ويندو، اهڙي اُميد آهي.

"لوڪ ساهتيہ" بابت شايد ڪن ماڻهن کي ڪي غلط فهميون
هجن پر ان ۾ نہ ڪي بہ ٻاڻا ٿي نٿا سگهن تہ ڪو اهو
عوامي ادب نہ آهي. اَدب يا ساهتيہ عوام جو آهي ۽

پنهنجي ڳالهه

•

لوڪ - گيتن جي رچنا جيتري استريءَ ڪئي آهي، اوتري پرش نه.

زندگيءَ جي انيڪ موقعن تي استريءَ جي ڪومل ڪنٺ، ڀِڄندڙ ڀاوناڻن جو چٽر، گيت ڳائي ئي ظاهر ڪيو آهي.

ناريءَ جي جيون جي ويدنا، ڪل خوشي، امنگ، سينگار، چنچلتا، سانڍ وهر، سڪ پيار وغيره - سڀئي گيتن جي سٽن ۾ هڪ ڪري ظاهر ٿين ٿا.

استريءَ جو، گيتن سان جيترو ئي گهڻو لاڳاپو آهي يا وڌي ٿو، اوترو ئي هن جي زندگيءَ جو حقيقي چٽر، ان جي گيتن ۾ ملي ٿو.

سنڌي لوڪ - گيتن ته چٽڪ، ناريءَ جي جيون جي تصوير ظاهر ڪري سڀ ڪجهه چئي ڇڏيو هجي. استري، ريت رواجن، ڏڻ وارن، رسمن رواجن ۽ ٻاهر جو ڪجهه ڳاڻو آهي، ان (انهن گيتن ۾) ۾ اٺ ڄاڻائيءَ وچان، هن جي من جون لڪل ڀاوناڻون اڇي ويون آهن.

گل تہ گھڻن هنڌ مليا آهن پر ڪنڊا بہ. پاند ۾ اٽڪيا آهن. ايشور جي ڪرپا سان نازڪ گلن جي خوشبوء سان معطر ٿيندا ۽ ڪنڊن کان بچاءُ ڪندا، ان راه جا پانڌيئڙا ٿي هلندا پيا رهون.

اسان سچيءَ دل سان سڀني پاٺڪن جا رايا حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ چاهيون ٿا تہ اسان گڏ گراهي ٿي پنهنجي هنس چال سان ساهتيہ جي ميدان ۾ پنهنجي سهيوگين سان قدم ملائي هلون. ساراه يا گلا سان اسانجو حوصلو وڌندو يا گھٽبو ان جي ڄاڻ اسانجي ودوان پاٺڪن کي آهي، مگر اسان کي مضبوط ارادي سان وڏو آهي ان لاءِ اوهان جي ڪامنائن جو قدر ڪنداسون.

— پرڪاشڪ

درگا اشٽمي
١٧-آڪٽوبر ١٩٦١ع

سچ اهو آهي ته، ان ڪم ۾ منهنجو ڀاڱو ڪي ڪو گهڻو نه ٿيو. اها ڪوج ڪا رواجي ڪوج ڪر نه هوندي، جا چيز وسرايل دلين جي اندر سمايل آهي، جيڪي پاو-ڏارانون، وديشي سڀيتا جي ٿهه هيٺان وڃائجي وييون هيون، جي شخص منهنجي رواين، رسمن ۽ اتهاس کي پلجي ويا آهن. انهن سڀني ڳالهين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري انهن جو صحيح چٽر پيش ڪرڻو آهي.

ڪنهن وشيه تي شخصي ڇاڻ جي آڌار تي ڪجهه لکجي، تنهن کي ليک چئجي ٿو. ڪنهن وشيه تي جدا جدا ڪتابن پڙهڻ بعد، انهن جي حوالن سميت ۽ پنهن جي نجي ڇاڻ جي آڌار تي ڪجهه لکجي، ان کي چئجي ٿو ستو ليک.

پر جڏهن جدا جدا ڪتابي مواد جي اڀياس ۽ نجي ڇاڻ جي سهاري ڪنهن وشيه جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڪو نظريو پيش ڪجي، تنهن کي چئجي ٿو کوجنامڪ ليک، يا کوج.

'هوجمالو' ڪتاب ۾ مون پاونا پر ڏان کهاڻيون ڏنيون، انهن ۾ لوڪ-گيت ڏنا هئا.

'سنڌي لوڪ-ڪلا' ڪتاب ۾ جدا جدا ڪتابن (ان وشيه بابت) جي اڀياس ۽ نجي ڇاڻ جي آڌار تي ڪجهه ليک ڏنم.

هاڻ هن ڪتاب "سنڌڙي ٿي ڳائي......" ۾ مون سنڌي لوڪ-گيتن جي هڪ قسم 'لاڏي' بابت ڪجهه ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي.

جهڙيءَ طرح ڪوتا، ڪويءَ جي اندر جا اُتما ظاهر ڪندي آهي، تهڙيءَ طرح اهي لوڪ-گيت سماج جا احساس ڪولي ظاهر ڪندا آهن.

استرين جا اهي ڀاو، اهي گيت آهن، لاڏا. لاڏا، جنم جا لاڏا، ڇٺيءَ جا لاڏا، ڄڃين جا لاڏا، مڱڻيءَ جا لاڏا، پرڻيءَ جا لاڏا، سڀ لاڏا. استريءَ جي هردي جا نقش آهن، سماج جو تصويرون آهن، زماني جا روپ آهن.

ان ڪري سنڌي لوڪ-گيتن ۾ لاڏي جي هڪ وڏي اهميت آهي.

کوج :-

لوڪ-گيت، اهڙي چيز نه آهن، جن جو اڀياس لوڪ-جيون کان الڳ رهي، پر ڪمري ۾ ويهي، ڪري سگهجي، انهن کي سمجهڻ، انهن جو ملهه جاچڻ، سڃاڻڻ، انهن جي صحيح واکيا ڪرڻ لاءِ، اسان کي انهن جي اندر ۾ پيهي وڃڻو پوندو. ڇو جو انهن گيتن ۾ ئي سمائجي، انهن جي بنياد تي پهچي اهو هيرو پائي سگهجي ٿو، جو زمانن کان وٺي اسان جي سماج کي پرڪاش ڏيندو آيو آهي ۽ اڳتي به ڏيندو رهندو.

انهن لوڪ-گيتن ۾ سمائجي انهن هيرن موتين کي ٻاهر آڻڻ، انهن جو ملهه پرکڻ ئي کوج آهي. ان لاءِ، لوڪ-گيت گڏ ڪرڻ، انهن جي واکيا ڪرڻ، انهن جو مؤلڪ سنڌ ۾ سمجهائڻ لاءِ انهن جي پس منظر جي کوج ڪرڻي آهي.

ٻولي :-

لوڪ ـ گيتن جي موُل ٻولي ۽ ڀاشا جو ٺيڪ ٺيڪ پتو لڳائڻ تمام ڪٺن ٿي ۽ ٻلڪ ناممڪن ئي آهي.

گيت پيدا ٿي ڀاشا جي پرواهه (وهڪري) ۾ ترندا ٿا رهن، مڻش جو ڪنٺ (گلو) ئي انهن جو گهاٽ آهي. ڳائيندڙ، استري هجي يا پرش، ڪو ڪٿي جو ته ڪو ڪٿي جو (ٻوليءَ جي جدا جدا اپڀاشا واري حصي جو) رهاڪو آهي، ان سواءِ انهن گيتن تي آس پاس جو ايترو ته اثر ٿو پئجي وڃي جو هنن جو اصلوڪو روپ قائم رهي نٿو سگهي.

گيت ۾، هڪ زبان کان ٻيءَ زبان ۾ ايندي، جدا جدا هنڌن تي ڪي نه ڪي نوان لفظ اچيو وڃن يا ڪن ڪن وقتن تي ڳائيندڙ هڪ لفظ جي بدران پنهنجي اپڀاشا جو لفظ وجهي ڇڏين ٿا. ايتري قدر جو ان گيت جو اصلوڪي صورت ئي بدلجيو وڃي.

نينگريون جڏهين شادي ڪري هڪ ڳوٺ کان ٻئي هنڌ ٿيون وڃن، تڏهين هو پنهنجي اصلوڪي ٻولي ساڻ کڻي ٿيون وڃن، ساهري گهر وارن جي ٻوليءَ ۽ ڪنوار جي ٻوليءَ ۾ فرق رهي ٿو، پوءِ گيت ڳائيندي اهي نينگريون ان گيت جي لفظن ۾ ڦير گهير ڪن ٿيون. ڪي لفظ پنهنجي ٻوليءَ جا ته ڪي ساهري گهر وارن جي ٻوليءَ جا. هو پڙهيل ته آهن ڪو نه، سو هو اها ڦير ڦير به پوريءَ طرح ڪري ڪو نه ٿيون سگهن.

مون ڪوشش ادا ڪئي آهي ته ان وشيه کي هر ريءَ طرح هر پهلوءَ کان نباهيان.

ان ڪوشش ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان، ان جو فيصلو ڪرڻ ته ودوانن، ۽ ان وشيه (لوڪ- ساهتيه) جي ڄاڻن تي ڇڏيل آهي.

سنڌيءَ ۾ کوج جو ڪم هونءَ به گهٽ ٿيو آهي. ڪي ڳاڻ ڳڻيا ملندا، جن ڪنهن نه ڪنهن وشيه تي کوج ڪئي هجي.

سنڌي لوڪ- ساهتيه تي ته کوج ئي نئي ڪاڻ آهي، جي پهل نٿو ڪريان ته هي ڪتاب ان سلسلي ۾ پهريون ئي ٿيندو، ان ڪري ڪن بنيادي غلطين ٿيڻ جو امڪان ڇاڻ تان زياده آهي. ان لاءِ مکيه سبب آهي پورن سهوليتن نه هئڻ.

هونءَ به هت هندستان ۾ هن کيتر ۾ کوج ۽ سهيڙڻ جي ڪم ڪرڻ وارن جي راهه ۾ انيڪ ڪنڊا پيون ٿيون اچن، انهن جي سهاپتا ڪوئي نٿو ڪري. سنڌيءَ جي ته ڳالهه ئي نرالي آهي. پر وديشن ۾ انيڪ سيائون اهڙيون آهن، جو هن (لوڪ- ساهتيه) وشيه لاءِ ڪم ڪرڻ وارن کي الڳ الڳ نمونن جي سهاپتا ۽ سهوليتون ڏينديون آهن - اسان وٽ ته اهڙو ڪجهه به نه آهي ۽ نه وري اسانجي (سنڌي) ڪاليجن ۾ ئي اهڙو ڪجهه آهي، وري به ’جڙيءَ کي جس‘.

سنڌڙي ٿي ڳائي ......

پاونا ۾ ھي سڀ پڙھجو. اڳتي ٻوري خبرداري رکجو،
ھاڻي ڇا پيو لکين ......؟ "

مان ٿورائتو آھيان پنھنجي (ساھتڪ) گرو داد چوھڙمل ھندوجا جو، جنھن پنھنجي اولاد جيان سڪاريو سنواريو "مورک کي گياني، سامي ڪيو ستگروءَ." جو بہ ڪجھ سٺو ڪيو اٿم تہ ھن جي بدولت ۽ ٻرو، بہ ھن جي اڻ ڄاڻائيءَ ڪارڻ.

شڪرگذار آھيان دوست ۽ ھمڪار ساٿي پي. آنند جو، جنھن ادل، منھنجي ڪتابن ڇپائڻ جي ذميواري پاڻ تي کنئي آھي ۽ سنڌي لوڪ ساھتيہ جي ڦھلاءُ ۾ سھڪار ڏنو آھي.

ھن ڪتاب ۾ جن بہ ليکڪن جي ڪتابن مان مدد ورتي اٿم ۽ حوالا ڏنا اٿم، تن بہ شڪرگذار آھيان. چٽر ظفر جا ٽڪتل آھن. جي ڪراچيءَ جي ماھوار "نئين زندگي" جي مھرباني سان مليا آھن.

ھن ڪتاب اندر جي لاڏا ڏنا اٿم، سي سڀ منھنجا ٺاھي گڏ ڪيل آھن. باقي جي گيت راجستاني، ٿري، سرائڪي، لاسي ٻولين جا آھن، سي جدا جدا رسالن ۽ ڪتابن مان ورتا اٿم جيئن تہ مھراڻ (ٽماھي رسالو حيدرآباد) سڳر ڪوھستان، ۽ ڪي ٻيا. مان انھن ليکڪن جو بہ شڪرگذار آھيان.

— نارايڻ ڀارتي

سنڌڙي تي ڳائي

سنڌ، سنڌو ندي ۽ جي ڏاکڻي ماٿري، جنهن کي اولهه کان پهاڙن جي قدرتي قطار، بلوچستان کان الڳ ٿي ڪري، جنهن جي اوڀر جا سنڌوان پٽ پارڪ جي وسيع ٽٻن سان وڃيو ملن. قدرتي طرح پارڪ جي سرحدي ساڄي پاسن، سياري ۾ ڪڻڪ ۽ سرهن جانئي جي کيتن سان سبز، ته اونهاري ۾ سارين، سڻي ۽، جوئر ۽ ٻاجهر جي کيتن سان لهرائيندڙ پرلوي ۽ جي هڪ سهڻي اراضي آهي.

سنڌ، سرحد تي هئڻ ڪري صدين کان هيءَ اولهه جي قومن جو لنگهه ۽ واپاري مرڪز ٿي رهيو آهي. هن جا رهواسي سدا کير ڏڌ ۾ پيا پاڃيا ۽ خوشحال ٿي رهيا آهن. ڏکڻ جي سمنڊ سنڌس لاءِ ڏورانهن ڏيهن ڏي واپار جون واهون کولي ڇڏيون آهن. هتان جا وڻجارا ڏاکڻي ايشيا ۾ سدا مشهور رهيا آهن. اهڙن خوشحال ماڻهن جي جيوت جنم کان موت تائين ٽڙندڙ ۽ ٽهڪندڙ رهي، انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب آهي. امنگ، جي سنڌس ڳلي مان گيت ڦٽي نه نڪرن. سي آهن لوڪ گيت.

جي توهان سنڌ کي ڄاڻڻ ٿا چاهيو، سنڌ جون ريتون

ڳوٺڙن ۾ آهي. شهرن ۾ ته عرب ۽ يورپ اچي ويو آهي. ڳوٺاڻن جو رهڻ ڪرڻ اڃا سوڌو اڳين حالتن ۾ آهي.

ورهاڱي بعد ته، انهن ڏي نيو، هت هندستان ۾ آيل سنڌين جي حالت ته، انهن ٿي آهي. جيڪي سنڌي ننڍين ننڍين بستين ۾ اچي رهيا آهن، جن تي شهري سنڌين جو ڪو خاص اثر نه پيو آهي، تن جون رهڻيون رسمون اهيئي آهن، جيڪي سنڌ جي ڳوٺڙن ۾ هيون. مثال طور پوساول جي سنڌي بستي "نانڪ نگر" ناگپور جي 'جهيري ٽڪا' جبلپور جي 'لال مٽي' ڪالوني وغيره.

پر سڪ ڳالهه اها آهي ته انهن ننڍين ننڍين بستين ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌ جي ڪنهن هڪ ئي ضلعي يا تعلقه جا ماڻهو اچي رهيا آهن ۽ انهن جي ٻولي به ساڳي آهي. سنڌي ٻولي ته آهي پر اها نه جا ڪتابن ۾ آهي، (Standard) يا جا شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائين. ناگپور ۾ رهندڙ سنڌين ۾، منهنجي خيال موجب اباوڙي، گهوٽڪي، رهڙڪي ۽ انهيءَ پاسي جا رهواسي زياده تر آهن، انهن جي ٻولي سنڌي هوندي به علحدي آهي.

انهن گهوٽڪاڻن جون رهڻيون ۽ رسمون به پنهنجون علحديون هونديون آهن. اتي جا ماڻهو پاڻ ۾ ڪنهنکي به ڳت ڪين ليکين، ڀل ته هڪ غريب هجي ۽ ٻيو شاهوڪار. جي انهن مان ڪنهن غريب جي گهر ۾

رسمون معلوم ڪرڻ ٿا چاهيو ته پوءِ توهان کي اوس ئي سنڌي لوڪ گيتن جو آڌار وٺڻو پوندو.

ڊاڪٽر ايلون چوي ٿو ته "...... جيڪڏهن توهان مهنجي زندگيءَ، ديش، ۽ رهڻين رسمن جي سچي ڪهاڻي ڄاڻڻ ٿا چاهيو ته، مهنجي گيتن کي پڙهو..."

اها ساڳي ڳالهه اسانجي سنڌي لوڪ گيتن سان به لاڳو ٿي.

جڏهن اسان مارويءَ جي ڪهاڻي پڙهون ٿا ۽ ان جا گيت ٿا ڳايون، تڏهن اسان جي آڏو هڪ اهڙي سنڌي استريءَ جي تصوير ٿي اچي بيهي جا هئسي، راڻي، بادشاهي شان شوڪت کي نه چاهي پنهنجي غريب مارئڙن جي ڇپر جهوپڙيءَ کي وڌيڪ ٿي پسند ڪري.

شاه صاحب جي لفظن ۾ چوي ٿي ته :-

"اِي نه مارن ريت،
جو سيڻ مٽائن سون تي،
اَچي عمرڪوٽ ۾،
ڪند پس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت،
ماڙيءَ سين نه مٽيان."

اهڙن گيتن ڳائيندي پڙهندي اسانجي آڏو سنڌ جي استريءَ، سٺي استريءَ جي هڪ منوهر مورت اڀي اچي بيهي، جنهن تي هر سنڌيءَ کي فخر ٿو ٿئي.

سچي سنڌي سڀيتا، تمدن، ڪلچر شهرن ۾ نه، پر

شهر ٿاءِ هيوُن، جنهنڪري پنجاب جو ڏکڻ پاسو، راجپوتانا جو ڪجهه حصو، سڄو ڪڇ علائقو ۽ ڪاٺياواڙ جي اتر وارو ڪنارو سنڌ ۾ اچي ٿي ويو.

هوڏانهن افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي ڀاڱا، لس ٻيلي ۽ مڪران سميت سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا، جنهن ڪري سنڌي ٻولي انهن پاسن ڏي چالو ٿي.

ان سبب ٿي ٻهاولپور ۽ ملتان طرف ڪيترا سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. هوڏانهن بلوچستان طرف لس ٻيلي ۾، ته هيڏانهن ڪڇ ۾ پڻ ڪئي سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي..."*

مطلب ته سنڌي ٻولي هاڻوڪي سنڌ جي چئن حدن کان گهڻو ٻاهر بلوچستان، پنجاب ۽ گجرات جي حدن ۾ داخل ڪري ويئي آهي. انهيءَ موجب چئبو ته سنڌي ٻولي قديم وڏي سنڌ جي ٻولي آهي ۽ نه محدود ٻرپٽي جي.

سنڌي ٻوليءَ جون پنج اپڀاشائون آهن- ڀاشا ۽ اپڀاشا ۾ فرق آهي.

'ڀاشا' معنيٰ ٻولي Language ۽ 'اپڀاشا' معنيٰ ٻوليءَ جو ننڍيو دڦعو Dialect.

"سنڌي ٻوليءَ جي انهن اپڀاشائن (Dialects) جي اڀياس ڪرڻ سان چڱيءَ ٻر معلوم ٿيندو ته سنڌ جي سري ۽ لاڙ جي ٻوليءَ ۾ وڏو فرق آهي- اتريقدر جو

* "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" صفحو ٩٣.

شادي يا غمي هوندي آهي ته گهوٽڪي طرف جو سيٺ به پاڻ اچي ڪم ڪار ۾ پاڻهن ٻين لئي پيهندو، ايتري قدر جو فراس وڇائڻ ۽ ٻئي ننڍي ۾ ننڍي ڪم ڪرڻ کان به ڪيٻائيندو ڪونه. هنن لاءِ پئسو واپرو نه آهي. نه فقط ايترو پر ساهوڪار غريب هڪ ٻئي ۾ مٽيون مائٽيون به ڪن. انهن ۾ ڏيتي ليتي آهي ڪانه. ناگپور ۾ رهندي اهي مهذبا اکين ڏٺا مثال آهن.

اهڙيءَ طرح وري ساهتي، جهڙڪي وچولي واري ابراضي سڏ ائن، جي ٻولي وچولي الي جون رسمون نراليون. لاڙ جو وري نمونو ٻيو. انهن جدا جدا ابياشائن (Dialects) جي خيال کان ۽ جاگرافيءَ جي لحاظ کان سنڌ کي پنجن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. مان هت ٻولي جا پاڳا آڏيندس- جي آهن،

١. سرائڪي ٢. وچولي ٣. لاڙي ٤. ٿري ۽ ٥. لاسي. (ڪن ڪڇڪي کي به سنڌ جي ابياشا ڪري ليکيو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي ڪڇي ٻولي، ٿري ٻوليءَ ۾ اچي ٿي وڃي).

اهڙيءَ طرح اسان جي سنڌي ٻوليءَ جون پنج ابياشائون آهن. ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته:

”...سنڌي ٻولي قديم، وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آهي- جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات جي سورٺ

١. سرائڪي.

سنڌ جو اتر وارو حصو، خيرپور رياست کان وٺي اباوڙي تعلقي تائين ۽ دادو ضلع جي سيوهڻ شهر کان وٺي لاڙڪاڻو ضلعو سڄو ۽ جيڪب آباد ضلعي ۾ ڪشمور تعلقي تائين. ان سڄي ٽڪر کي 'سنڌ جو سرو' سڏبو ويندو آهي. هن ٽڪر ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، تنهن کي سرائي يا سرائڪي چوندا آهن.

جيڪب آباد جي ڪشمور تعلقي کان وٺي ملتان پرسان بهاولپور رياست تائين، واري ٽڪر کي جاگرافيءَ جي لحاظ کان اُڀو سڏيندا آهن. جنهن جي معنيٰ به سرو ئي آهي.

سري وارا چون 'جائي'- پر ڪري ٻولي (Standard) وارا چون 'جتي'. اهڙيءَ طرح تائي-تتي، ڪائي-ڪٿي وغيره. سرائڪيءَ ۾ گرامر جون ڪي عادتون ڳالهيون به آهن. ان جو به هڪڙو سبب اهو آهي ته اتي جي ٻوليءَ تي ٻروچڪي ٻوليءَ جو اثر ٿيو آهي. *

مثلا سرائڪيءَ ۾ 'ٻار' جو جمع 'ٻاران' ۽ 'سڄڻ' جو 'سڄڻان' ڪيو ويندو آهي. ان سواءِ سري ۾ 'اسين'

---

* هن ٽڪر ۾ ٻروچ (بلوچ) قوم وڏيءَ انداز ۾ رهندي آهي ۽ جت قوم به رهندي آهي. اهي شخص گهڻو ڪري سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن. ان ڪري ان ٻوليءَ کي ڪي ٻروچڪي يا جتڪي سنڌي به چوندا آهن.

لاڙ واري حصي جا اهڙا هزارها لفظ آهن جي سري وارا ڪونه سمجهن ۽ وري سري جي ٻوليءَ ۾ به ڪيئي اهڙا لفظ آهن، جي لاڙ جا ماڻهو مشڪل سمجهندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٿر جي ٻولي وچان ئي نرالي آهي. سنڌ جي وچولي جي ٻولي وڌيڪ وزنائتي ۽ زياده فصيح آهي، ۽ اهائي علمي، ادبي ٻولي سمجهي وڃي ٿي. اڪثر ڪتاب ۽ اخبارون انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون." *

انهن پنجن ڀاڱن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي 'پنج مُکي' سڏجي ته به سونهين. سنڌي پنج مکي جوت جا اهي پنج مک آهن.

مٿي مون سنڌي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو آهي. منهنجو مقصد ٻوليءَ جو بيان ڪرڻ نه آهي، پـــر مونکي انهن ڀاڱن جا لوڪ گيت ڏيڻا آهن ۽ اهو ٻڌائڻو يا ڏيکارڻو آهي ته انهن ڀاڱن جي لوڪ-گيتن وسيلي سنڌڙي ڳائي ٿي.

انهن لوڪ گيتن جي ٻوليءَ وچ ۾ ڪهڙو فرق ۽ ڪيتري قدر هڪجهڙائي آهـــي. هيٺ مان هر هڪ ڀاڱا جو ٿوري ۾ ذڪر ڪندي ان جا لوڪ-گيت به ڏيندس. جيئن پڙهندڙ پاڻ به فيصلو ڪري سگهن.

---

* حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي 'آفتاب ادب' مان.

او چلا،

اهري پهري، ڙي،
ڇهري والا پهري ،
پٽڪا کلا ليري،
چندا اونها پهري ٠
اهري پهري، ڙي ٠

او چلا،

اهري پهري، ڙي ٠
چلا، اڙي پڙکي ،
چوري ڏيندي تڙکي٠
ميرا ساه اڙکي ،
اهري پهري، ڙي ،

او چلا،

اهري پهري ڙي ،
لهما پهڌ کرهيندا،
نون آوان کلندا،
حال ڏيوان دل دا،
اهري پهري، ڙي ،

او چلا،

اهري پهري، ڙي ،
چلا ٽوٽي ٽوٽي ،
جاني عمر کوٽي ،
ڏاڍي دل کو چوٽي،
اهري پهري ، ڙي٠

بدران 'اسان'، 'توهين' بدران 'توهان' چوندا.

"اسان نه ڪنهن دي جائي هون،
جائي ڪنهن نه نپائي هون."
(سچل)

سري ۾ 'آهيس' بدران چون 'آهيم'. سنڌ جي اتر سرحد ۾ 'پوتار' لفظ گهڻو ڪم اچي ٿو. هو هڪ ٻئي سان گڏجڻ وقت ڪيڪارڻ مهل چون "'پوتار' خوش آهين؟" (خاص ڪري مسلمان چوندا آهن.)

جاء جي 'ڪڏ' کي چون 'ڪوٽو.'

"اسان سنڌ ۾ اونهاري جو ڪوٺي تي سمهندا هئاسون."

ٻهاڙ جي ڪڏ کي چون 'ٽمڙ'، اهڙا ٻيا به اکر آهن. جيئن ته ڏيو معنيٰ مليو. 'هڪڙي انعام ڏيو.' هاسڪار معنيٰ جاڳي واٽي. 'هن هاسڪار جهيڙو ڪيو.' ڪانگ يا ڪانو کي چون ڪانگڙو (کي ڪانگ به چون.)*

هيٺ ان سريلي يا سرائڪي ٻوليءَ (سنڌي ٻوليءَ جي لهجا) جا ڪي لوڪ گيت ڏيان ٿو:

* ڀيرو مل مهر چند 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' صفحو ١٢٢.

او چلا،

اهري پهري، ڙي،
مهري والا هري،
پٽڪا کلا ليري،
چندا اونها پهري.
اهري پهري، ڙي.

او چلا،

اهري پهري، ڙي.
چلا، اڙي پڙکي،
چوري ڏيندي ڏڙکي.
ميرا ساه اڙکي،
اهري پهري، ڙي،

او چلا،

اهري پهري ڙي،
لهما پنڌ کريندا،
نون آوڻ کلندا،
حال ڏهوڻ دل دا،
اهري پهري، ڙي،

او چلا،

اهري پهري، ڙي،
چلا نوني نوني،
جاني عمر کرني،
ڏاڍي دل کر چوني،
اهري پهري، ڙي.

بدران 'اسان'، 'توهين' بدران 'توهان' چوندا.

"اسان نه ڪڏهن ڏٺي ڄاڻي هئون،
ڄاڻي ڪڏهن نه نهاري هئون."
(سچل)

سري ۾ 'آئِس' بدران چون 'آهيم'. سنڌ جي اتر سرحد ۾ 'ڀوتار' لفظ گهڻو ڪم اچي ٿو. هو هڪ ٻئي سان گڏجڻ وقت ڪيڪارڻ مهل چون "'ڀوتار' خوش آهين؟" (خاص ڪري مسلمان چوندا آهن.)

جاء جي 'ڪنڊ' کي چون 'ڪوٺو'.

"اسان سنڌ ۾ اونهاري جو ڪوٺي تي سمهندا هئاسون."

ٻاهر جي ڪنڊ کي چون 'نُڪڙ'، اهڙا ٻيا به اکر آهن. جيئن ته ڏيــو معنيٰ مليو. 'هنکي انعام ڏيو.' هاسڪار معنيٰ جاڳي واڳي. 'هن هاسڪار جهيڙو ڪيو.' ڪانگ يا ڪانوَ کي چون ڪانگڙو (کي ڪانگ به چون.)*

هيٺ ان سريلي يا سرائڪي ٻوليءَ (سنڌي ٻوليءَ جي لهجا) جا ڪي لوڪ گيت ڏيان ٿو:

* ڀيرو مل مهرچند 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' صفحو ۱۲۲.

پاڳي جي ٻولي اڄ ته سڄيءَ سنڌ جي ٽيٺ يا کري (Standard) ٻولي ليکجي ٿي.

هن حصي ۾ ڪي علحدا لفظ، اصطلاح ۽ ٻهاڪا عام آهن، جي ٻين هنڌ عام نه آهن. اهڙن علحدن لفظن جا ٿورا مثال هي آهن:

اُڪرس معنيٰ گرمي يا گهٽ.

”اڄ اُڪرس ڪيو اٿس.“

راڳو معنيٰ ليڙو، لٽ (ڳاري جو)

”اسان جاءِ کي راڳو ڏ ٻارٻو.“

پئسن کي سڏين ’ڏوڪڙ‘ ۽ ’ڪوڙ‘ معنيٰ گهڻا.

”هن کي ڏوڪڙ ڪوڙ آهن.“

وچولي ٻوليءَ ۾ گرامر جي خيال کان به ڪي ڳالهيون علحديون آهن. *

هيٺ مان وچولي جا ڪي گيت ڏيان ٿو:

ڇنوُن ڙي خان ٻيلي،
هل نه هليا هلوُن.
ڇنوُن ڙي خان ٻيلي،
مهري اٿ آڻجان ۽،
ڇنوُن ڙي خان ٻيلي،

---

* هي بيان ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ جي آڌار تي لکيل آهي.

او چلا،

ابري ڀري، ڙي،
چلا چٽا چاندي،
کڳڻ ڀانهن ڦراندي،
ستي ننڊ نہ آندي،
ابري ڀري، ڙي،

او چلا،

ابري ڀري، ڙي،
او چلا لوهيا کاما،
ڀُورل لڏا لا ما،
الھ دي نانوان،
بي گناه نہ مارو،
ابري ڀري، ڙي.

٢- وچولي :-

سري ۽ لاڙ جي وچ واري حصي کي **وچولو** سڏيندا آهن- (وچولو=وچ وارو) هن ٽڪر ۾ سنڌو نديءَ جي اوڀر ڪناري تي ڪنڊ ڀاري تعلقي کان ۽ نديءَ جي اولھ ڪناري تي سيوهڻ کان وٺي ڪوٽڙيءَ ڊويزن تائين.

ان ٽڪر ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي ان کي **وچولي** چوندا آهن. سيوهڻ ۽ دادو سنڌو نديءَ جي هڪ ڪپ تي آهن ۽ ٻئي ڪپ تي ساهتيءَ جو حصو آهي، سنڌ جي انهي سڄي وچولي

٣. لاڙي:-

سنڌ جي ڏکڻ واري حصي ۾ حيدرآباد ضلعي جي بدين تعلقي کان وٺي گني تعلقي تائين ۽ سڄو ڪراچي ضلعو اچي ٿو وڃي. ان ٽڪر کي لاڙ سڏبو آهي.

لاڙ جا وڏا ٻه ڀاڱا آهن حيدرآباد ضلعي وارو لاڙ، جو بدين ۽ ٽنڊي باڳي کان هلي ٻاڙي شريف ۽ تعلقي گونيءَ تائين آهي. ٻيو آهي ڪراچي ضلعي جو سمورو ڏاکڻو ڀاڱو، جو، ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ طرف لڙي اچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو ڪراچي ضلعي وارو لاڙ آهي. انهن ٻنهي ضلعن جي لاڙ جي ٻولي، 'لاڙي' ڪوٺجي ٿي. لاڙ جي هندن جي ٻوليءَ تي ڏ داوڙي ۽ دارڪ (ڪشميري وغيره) جو اثر ٿيو آهي.

لاڙ جي رهواسين کي لفظن جي اُچارن گهٽائڻ يا سسائڻ جي عادت گهڻي آهي. جهڙوڪ 'پيءُ' بدران چون 'پي' PE. 'چوڻس' بدران چون 'چئس' معنيٰ هنکي چئه -

لاڙيءَ جي وياڪرڻ جون ڪي علحدگيون ڳالهيون آهن. لاڙ جا اُچار ٿورا آهن، تنهن ڪري اسمن جو ڦيرو به نرالو اٿن. جهڙوڪ ماڙهو (ماڻهو) جو ماڙهيين (ماڻهو).

"ڪنين ڪنين ماڙهيين ٻيٺي ڪل ڪاني."

(سر سورٺ)

ٺيٺ ڀاڪري ٻوليءَ ۾ 'لهر' جو جمع 'لهرون' يا 'لهريون' ڪن. پر لاڙ ۾ 'لهر' جو جمع چون 'لهرن'.

"لهر، ساهڙ! سمياڙون، لهرن لوڏي نه مران."

(شاه).

ٻاڪڙو ٻنل جو آڏجاڻ،
چٽوُن ڙي خان ٻيلي،
گاد ٻلو ر ٻشمي آڏجاڻ .
چٽوُن ڙي خان ٻيلي،
مهار ڌ. ٻت جي آڏجاڻ.
چٽوُن ڙي خان ٻيلي،
چٽوُن ڙي خان ٻيلي.

— —

"آءٌ مڃاڻ ٿي، ڪانگل ڙي،
راڻا چڏ ماڙا،
ٻيٺي ٻچاڻان ماڻ، اسو وٻلي،
راڻا چڏ ماڙا،
جهالر گهڙانج نهري، لڳي ڏيڻ هزار،
راڻا چڏ ماڙا.
آءٌ مڃاڻ ٿي، ساکي ڙي،
راڻا چڏ ماڙا."

———

"ڪاري راف کن گهٽا.
جتي گهوروُن ڏٻن گهوڙا،
سوٻن سيٺهانيا سير ماڻ،
وٻا ڳاڙهدي ڳوڙها،
جدکي مهبتي موڙا،
ٿن کي ندي ناه نگاه ٻ."

گونڌر لهن غم،
راضي روز رهون،
ڪري قرب ڪهون،
اندر عشق اُنهون،
ڪرهان ڪون ڪرڪم."

٤- ٿريلي :-

سنڌو نديءَ جي اوڀر ڪناري واري حصي ۾ خيرپور رياست، نواب شاه ضلعو، حيدرآباد ضلعو، ڪڇ، ۽ جوڌپور جو ڪجهه ٽڪر، اهي سڀ جڏهن جون حدون آهن، اهو حصو **ٿرپارڪر** ضلعي نالي پرسڌ آهي. هن ۾ ساماڙو، ڏگڙي، سانگهڙ، کپرو، امرڪوٽ، مٺي، ڏيپلو ۽ چاڇرو تعلقا اچي ٿا وڃن. هن پاڱي ۾ جيڪا ٻولي هالو چالو آهي، اها **ٿريلي** سڏبي آهي.

ٿر جا ماڻهو لاڙ جي ماڻهن وانگر 'هه' جو اچار اڪثر ڪونه ڪن ۽ ٿر جي تفاوت جي ا، گهڻي سڌ ڪانه هوندي اٿن. تنهن ڪري جهڙو، تهڙو ۽ ڪهڙو بدران چون جيڙو، تيڙو ۽ ڪيڙو.

'هاٿو' بدران اڪثر چون 'هونيي'، ڪانئڻ بدران چون 'ڪانون'. ٿر ملڪ هڪ پاسي ڪڇ، ڀڄ، ۽ ٻئي پاسي راجپوتانا جي حدن سان لڳو پيتو آهي ۽ اتي جي ماڻهن جي وچ ۾ اڙه وچڙه گهڻي آهي. تنهنڪري ٿر جي ٻوليءَ تي انهن پاسن جي ٻولين جو ڪجهه اثر پيو آهي.

ٿري ماڻهو، هڪ ٻئي کي ڪيڪارڻ مهل چون،

لاڙيءَ جا ڪي لفظ ۽ علحدا آهن. جيئن:
ڀڳڙو معنيٰ ڏاڍو، ڳولاڻي معنيٰ ڦيراڻي.
اُٺڙ معنيٰ ڇاٽڙ، جانڪڙ معنيٰ سنڀالڙ.

لاڙ ۾ ڙالون هڪ ٻئي کي سڏ ڪرڻ مهل 'اٽي' لفظ ڪتب آڻينديون آهن، جيئن، "اٽي، ڪا ڪڙي ما، (ماءُ) لوجهريون ڪيون ٿيئي؟" (لاڙ ۾ ميٺيءَ جي ڪرڙن کي 'لوجهريون' چون) ڪنهن شخص چيو:-

"گوري تان ٻيس، ڇٽي اچي ڦيم.)'
(گهوڙي تان ڪري پيس، ته ڏڪ اچي ويم.)*

اهي مٿيان سڀ نمونا لاڙي ٻوليءَ جا آهن. هاڻي هي ڏسو لاڙيءَ جا ڪي لوڪ-گيت:

"عمر ٻڌ ٻون ٿا،
ڏاڙن جا دم دم،
هنجڙن روڙ هاريان،
ڇڙ وسن ڇم ڇم،
رسان شال روئي،
ٻري پند پيوئي.
ائم وايو اهوئي،
ٻسان ماڙون هم هم،
اباڻن ڏي وبنس،
واڙ هيڻن ۾ وهندس،
ماڙن ساڻ ملندس،

---

*هي سڄو مواد ڀيرومل مهرچند جي 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' تان مدد وٺي لکيو ويو آهي.

"ڪونئي مٿي ڪاڳڙو، ليٽو ڏي لانئين،
ٻچي ٻاڙي وارئين مام! ڪاڳ، ڪچاڙو چوءِ؟

ڙي ٻـڙا ڪاڳـڙا،
تـون اڏامـي وڃـ،
آءُ وٺـي ٿس گهران،
پهنجي وڳو شـال وران.

اچي ميڙي اوجلي، جڏهن م لڳي ٽڏو واءُ،
ڪتيان وٺي، چونڊن م، آءُ مڙيئي ڀاءُ.

ڙي ٻـڙا ڪاڳـڙا،
تـون اڏامـي وڃـ،
آءُ وٺـي ٿس گهران،
پهنجي وڳو شـال وران.

ماکيءَ مـٺـي مصري، مٺو مـاءُ ويـاءُ،
مٺي ٻوڏ ٻهه سوڪڙي، مٺو مـوئـي ڀـاءُ.

ڙي ٻـڙا ڪاڳـڙا،
تـون اڏامـي وڃـ،
آءُ وٺـي وس گهران،
پهنجي وڳو شال وران."

"چاڪ، جوڙ سڳرارو، خير ڪين، هوڪاري ٻر وغيره."
خير ڪين معنيٰ سک سلامتي.

"ڪهڙ خير ڪين، چوندڙ چڱا نہ ٿيا."

(شاهه)*

ٿر ٻہ اُج ڪي ٽُونس چون ۽ ٽاس ٻہ سڏين-

"تن ٻہ ٽُونس، ٻو ٻنءِ جي، ٻيان نہ ڀايان."

شاهه ـ

هيٺ ڪي ٿريءَ جا لوڪ. گيت ٽو ڏيان -

"چوڏس ٻونر، چانڊٽي،
چهڊا!
مهانجي رمڪ جهڙي راتڪ، گمانا!
آءُ انڌو ٻکيڙو، مدان ٻيهري ميل!
آيل مٽو گو ٺٽيز،
چهڊا!
مهانجي ڪلڪل ڪانجهيوهار، گمانا!
هجار هٽان رو گها گهرو،
چهڊا!
مهانجو سورهان سارٻان روهار، گمانا!
اڪ ٽان چڙهتي مان جو ٻڙو،
چهڊا!
مهانجي مويي جهڙو ٿيڙا ٿيت، گمانا!

---

* 'سنڌي ٻولي جي تاريخ' تان.

"اڄ لوڻي، جو انگ لئي،
اڄ ٻه ڪانڀا ڪيائون،
ٻوريءَ ٻٽن تي،
وڃي ڦرڙا ڦيرائون،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا،
ڇيلا ڇوڙايائون.
سڙيءَ جو ساوڪ ڇوي،
سنجهي نه سارائون،
ڦري وراڻون،
ورندا خط وصال جا."

"ڏونگرا ڏوراهو،
ٻاجهر ٻو ڇندس ٻو ٻانءَ کي،
ٻهڪ ٻير ٻٽون ڪيا،
تراڙون ڇميون تو،
رحم نه ٻيو ئي روح ٻه،
قدر مهنجو ڪر،
واڪر ڪندس، وو!
مون سين جبل ڌو جاڙون ڪري."

مون مٿي سنڌي ٻوليءَ جي ٻنهن ٻياشائن جا ڪي ٿورا لوڪ - گيت مثال طور ڏنا آهن.

٥- لاسي :-

سنڌ جي هن ڏکڻ ۾ لس ٻيلو رياست اچي ٿي وڃي. هنجي اتر ۾ قلاٽ رياست جو جهل علائقو، ڏکڻ ۾ ڪراچي تعلقو ۽ عربي سمنڊ، اوڀر ۾ ڪوهه کيرٿر ۽ اولهه ۾ مڪران آهي.

لس ٻيلي جو شهر ڪراچيءَ کان اٽڪل سٺ ڪوهه ڪن پري بلوچستان جي حد ۾ آهي. سڄيءَ لس ٻيلي رياست ۾ لس ٿي لس جبل لڳا پيا آهن. اتي گهڻي وڻڪار نه هئڻ سبب اهو سمورو ملڪ لسو ۽ پسو پيو لڳي، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن.

لاسيءَ جا اچار جدا نموني جا آهن.

لاسي گهر، ٻاهر ۽ ٿنڀ ۽ ٻدران لاڙائن وانگر گر، ٻار ۽ ٿنڀو چون. گم ڇي و ٻو معنيٰ گم ٿي ويو. هيترا سال چئن معنيٰ هيترا سال ٿين. ٻري 'ٺ' ٻدران 'ٺ' چون.

لاسي ٻوليءَ ۾ 'ٻير' جو جمع 'ٻيران' ۽ 'ٻورهيت' جو جمع 'ٻورهتيان' ڪن. 'اهو' ٻدران چون 'ايهو' ٻو وري اڳيون الف ڪڍي چون 'يهو'.

"يهو مانجو پت ڇي" (اهو منهنجو پٽ ٿئي.) جڏهين ڪي چون جو، تڏهين تو، گهڻو معنيٰ گهانو. "اسان وت گهاڻي ماني ڪاڻ لاءِ آهي ۽ او ٻاري نه سگهون ٿا."

(اسان وٽ گهڻي ماني کائڻ لاءِ آهي ۽ اسين مانيءَ جي اوبر نه ٻچائي سگهون ٿا.)*

---

* 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾ ڏنل مواد جي آڌار تي لکيل.

ديش سان گڏوگڏ نونرماڻ ٿي رهيو آهي؛ اسان جي سانسڪرتڪ
جيون جو پڻ نرماڻ ٿي رهيو آهي، تڏهين اهو ضروري
آهي ته اسانجو ڌيان انهيءَ لوڪ ساهتيہ يا لوڪ-گيتن
ڏانهن وڃڻ گهرجي، جن کي اسان ڀلائي ڇڏيو آهي.
جن کي اسان هيرن هوندي به شيشي جا ٽڪر سمجهي
ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. صديون جي غلاميءَ ڪري اسان
جي چيتنا ختم ٿي وئي هئي. پرڏيهي سنسڪرتيءَ
جي جدا جدا انگن کان اسان منهن موڙي ڇڏيو هو.
جن ڳالهين تي اسان کي فخر هئڻ گهربو هو، اهي اسان
جي اپمان جو سبب بڻيون، پر جيئن جيئن قومي تحريڪ
زور وٺڻ لڳو، تيئن اسانجي قومي چيتنا به وڌندي
رهي؛ اسان مٽيءَ ۾ پيل هيرن کي سڃاڻڻ شروع ڪيو.
سوين سال غلام رهندي به اسانجو اهو سڀ ڪجهه ختم
ٿي نه ويو، خاڪ هيٺان اهي هيرا دٻجي ويا هئا، جي
آهن اسانجا لوڪ-گيت.

سنڌي لوڪ-گيتن ۾ گهڻي ۾ گهڻو انداز جي آهي
ته اهو آهي، لاڏن جو.

خوشيءَ جو ڪهڙو به موقعو هجي، پوءِ بس، ڄالون،
نينگر جو ڏالهه ڪٽي ان جي ڏال تي پيئون جهمر به هڻنديون
ته اهي لاڏا به پيئون ڳائينديون.

لاڏن جو سر پنهنجو، لئه پنهنجي، لطف پنهنجو
آهي. انسان جي جنم تي لاڏا، جهنڊ لهرائڻ تي لاڏا،
ڄڃين تي لاڏا، شاديءَ تي لاڏائي لاڏا ڳايا ويندا آهن.

سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي 'ٻارهين ڪوهين ٿي ٻولي ٻي.' اهو ڀاڪر بلڪل ئي درست آهي. سنڌ جي انهن ڀڄن مکيه اپڀاشائن کان سواءِ ٻيا به ڪي حصا آهن. مثلا سکر ۽ روهڙيءَ جي هڪڙي ٻولي ته شڪارپور جي ٻي ته وري ٻاوڙي ۽ گهوٽڪيءَ طرف وچائين ٿين. جيتوڻيڪ اهي سڀ ٻراضيون آهن سکر ضلعي جون ئي.

سنڌ ۾ مکيه طور ٻه قومون هيون (آهن به) هڪ هندو ۽ ٻي مسلمان. انهن جي مادري زبان هڪڙي آهي ته به جي ڪو ٻارڪ ٻنهيءَ سان جاچيندو ته معلوم ٿيندس ته هندن ۽ مسلمانن جي ٻوليءَ ۾ چڱو فرق آهي.

هندو چون نوڙي ته مسلمان سڏين رسي يا رسو-

هندو چون ڪٽورو ته مسلمان ڪوٺين وٽو.

هندو چون ٻولي ته مسلمان ان کي چوني ڪوٺين-

هندو چون "ٿيوڻ سٺو ٿيو آهي" مسلمان چون "ٻوڙ ملوڪ ٿيو آهي." ٻيو نسل ۾ ايندو ته خود گهر ۾ به مردن ۽ زالن جي ٻوليءَ ۾ به چڱو تفاوت آهي. زالون چون، 'مٺي اڀائي آڻ آئي.' يا 'آءٌ' به وڃندي پيڪي، مون به لهندي سڪ." اهڙيءَ طرح لفظ لفظ ۾ فرق آهي- اهو فرق ٿورو ڪي گهڻو انهن جي لوڪ-گيتن ۾ ظاهر ظهور آهي.

سنڌي ساهتيه ۽ ٻوليءَ جي محفوظيءَ لاءِ ضروري آهي ته اهي لوڪ-گيت سانڍيا ۽ سنواريا وڃن.

هن وقت جڏهين اسانجي جاتي (سنڌي جاتي) جو

لاذا بيلدي گايان

سنڌ جي ڪهڙي به حصي ۾ وڃجي، ڪشمور کان وٺي ڪيٽي بندر تائين بهاولپور کان وٺي لس ٻيلي تائين، هر گهر ۾ هر خوشيءَ جي موقعي تي لاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. پر هتي هندستان ۾، هر سنڌي استريءَ ۾ خوشيءَ جي موقعن تي لاڏا ڳايا ويندا آهن.

مان هتي سنڌ جي جدا جدا ٻولين جي واقفيت ڏيڻ کان پوءِ هاڻ انهن لاڏن جي واقفيت ڏيندس، ته اهو لاڏو ڇا آهي؟ ڪهڙن وقتن تي لاڏو ڳائڻ ۾ ايندو آهي. خود لاڏي جا به گهڻئي قسم آهن. انهن مان به شاديءَ جا لاڏا ڪافي مقبول آهن.

مان هتي انهن جوئي ذڪر ڪندس.

لاڏا ٻٻتي ڳايان....

ٻين سماجن جيان سنڌي سماج ۾ به شادي هڪ اهميت وارو سنسڪار سمجهيو ويندو آهي ۽ اهو سنسڪار ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪيو ويندو آهي. ڌنوان شخص جي ته ڳالهه جدا آهي پر رواجي شخص به ان شيءِ موقعي تي ضرورت کان وڌيڪ پئسو خرچ ڪري پنهنجي ناموس ڪيڻ جي ڪندا آهن. جيڪڏهين ڪن وٽ ايترو پئسو نه هوندو آهي ته هو قرض کڻي به ڪافي همت سان خرچ ڪندا آهن. همت جا ڇوت ٿيندا آهن - چوندا آهن ته واڻئي جو پئسو پاڻ ته شادي ۾ خرچ ٿئي پيا کيس ۾ (مقدمي ۾).

هندن ۾ ته وواه هڪ پوتر رسم ليکي وڃي ٿي. وواه فقط واسنا ترپتيءَ لاءِ نه ڪيو ويندو آهي. پر ان دوران گرهست روپي گاڏيءَ کي هلائڻ لاءِ ٻه ڦيٿا گڏجندا آهن. (هڪ گهوٽ ۽ ٻي ڪنوار) هندن ۾ وواه ڪرم ايترو ته پوتر سمجهيو ويندو آهي جو هڪ دفعو فقط همت، همت ۾ ڏيڻ سان ئي استري ۽ پرش ٻئي جيون ڀر ڌرم جي بندڻن ۾ جڪڙجي ويندا آهن. هندن جي اتهاس ۾

الڳ روپ آهن، انهن شاديءَ جي گيتن کي مڱڻي ٻوليءَ ۾ 'لڳن گيت' سڏين. راجستاني ۾ وواه گيتن کي 'بنڙا' چوندا آهن. *

اسان سنڌي انهن گيتن کي 'لاڏو' نا ڪونيون. لاڏو لفظ نڪتو آهي 'لاڏ' مان. جنهن جي معنيٰ 'پيار' آهي. جنهن مان نڪتو 'لاڏلو' معنيٰ 'پيارو'، ان جو بگڙيل روپ آهي 'لاڏو' يا 'لاڏل'. يعني لاڏو معنيٰ اهو گيت جنهن ۾ گهوٽ جو ورنن هجي. ●

راجستاني ٻوليءَ ۾ به 'بنو' معنيٰ آهي گهوٽ. 'بنڙا' جو مطلب ٿيو 'گهوٽ وارا گيت'. اهڙيءَ طرح پنجابي ٻوليءَ ۾ به لاڏي کي لاڏلو سڏين.

سنڌ ۾ مسلمان اهڙن گيتن کي سهرو (شاديءَ جي گيتن کي). (جمع، سهرا) سڏين. سهرو لفظ سنسڪرت جو ٻوليءَ مان نڪتل آهي.

"سهرو لفظ شرين مان نڪتل آهي. ممڪن آهي ته اهو شرين اکر شريلو، سهلو، سهڊ، سهر ۽ سَهرو ۾ بدليو آيو هجي. سهرو جي معنيٰ آهي وٽندڙ، سندر، ٿي سگهيو ته گهوٽ جي لاءِ ڪتب آندو ويو هجي. سهرو جي معنيٰ مڪٽ يا مڪ وارو به آهي."†

---

* سورو به پارڪ جو لکيل راجستاني لوڪ - گيت ڀاڱو ا، صفحو ١٦٠.

† لوڪ ساهتيه جي ڀومڪا، صفحو ٤١.

اهڙا ڪي ٿي مثال ملندا جن مان مٿين ڳالهه ظاهر ٿيندي، جن ۾ استري پتيءَ کي من ئي من ۾ قبول ڪيو ۽ اهو ناتو مرڻ تائين قائم رهيو. جيئن ڪ ساوتري، رڪمڻي وغيره.

وواهه، سنسار جي سڀيه ۽ اسڀيه، سڀني جاتين ۾ وڏي امنگ سان مڃيو ويندو آهي. منش جي زندگيءَ ۾ جيتري وواهه جي اهميت آهي اوتري ٻئي ڪنهن به سنسڪار جي ڪانه آهي، اهوئي سبب آهي جو سنسڪار جو رواج سنسار جي هر حصي ۾ آهي.

ويدن ۾ لکيل آهي ته جو انسان شادي ڪيل نه آهي، ڪنوارو آهي، ان جو جيون نامڪمل آهي، اڌورو آهي.

هن سنسڪار ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي زندگيءَ ڀر گڏ جي رهڻ جو انجام ڪن ٿا. هي اهو سنسڪار آهي جنهن جي ڪري ٻه جدا خاندان ۽ ڪٽنب گڏجن ٿا ۽ ٻه شرير هڪ سونٽر ۾ ٻڌجن ٿا.

اهڙي موقعي تي گهوٽ ۽ ڪنوار جي گهرن ۾ خوشي ٿيندي آهي ۽ خوشيءَ جا گيت ڳائبا آهن، جن کي شاديءَ جا گيت سڏبو آهي.

جيئن ته هندستان جي هر هڪ پرانت ۾ وواهه جون رسمون الڳ الڳ آهن. هڪ ئي راڄ ۾ جدا جدا جاتين ۾ هي رواج ٻئي ٻئي روپ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙيءَ طرح انهن وواهه گيتن کي به جاتين جي لحاظ کان الڳ

واڌائي-

ٻهر ان ٻهران، ڇوڪر يا ڇوڪريءَ جا مائٽ، مائٽي جاچي ايندا آهن يا ڪر وڇون. اڳ ت، پيت ۽ پرهڻ هوندا هئا پر هاڻي ته ڪيترن شخصن ان ڪم کي به ڌنڌو ڪري ورتو آهي. اهي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي مائٽي ڪڍي ٻيءَ ڌر وٽ ويندا ۽ ان کي حالتن کان واقف ڪندا. ان ڌر کي، جي اها ڳالهه ويچار ۾ آئي ته هو مائٽي آڻيندڙ طرفان مليل ڏس پٺيان ٿي، جاچ ڪري خاطري ڪندا ٻوءِ جي گهر وٺين ته گهوٽ وارا ڪنوار جي طرف جي جاچ ڪندا ۽ ڪنوار وارا گهوٽ جي طرف جي. ٻوءِ ڪنوار پٽا گهوٽ کي ڏسندا. گهوٽ کي 'ورڻ' به ڪوٺيندا آهن. ڏسڻ ۽ جاچ بعد جي ڌريون راضي ٿيون ته ٻوءِ هڪ ٻئي کي نکون لکي موڪليندا، نکم جي معني 'خاندان'. اهو ان ڪري لکندا آهن ته جيئن ٻنهي کي هڪ ٻئي جي خاندان ۽ گرهن جي جاڻ پوي. ڪڏهين ته نکه ساڳي هجڻ ڪري مائٽي نه ٿي سگهندي آهي. اتر هندستان جي هندن ۾ ساڳيءَ نکه ۾ شادي ڪرڻ جو رواج نه آهي.

نکن لکڻ بعد 'واڌائي' جو ڏينهن مقرر ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪنوار پٽا گهوٽيٽن کي ڪجهه نه ڪجهه سوکڙيون پاکڙيون ۽ مصري ناريل ڏيندا آهن، گهوٽيتا ڳوٺوارن ۽ مٽن مائٽن کي ڪوٺي اها خوشخبري ٻڌائيندا آهن ۽ آيلن کي مٺو واتو به ڪرائيندا آهن. ڪنوار پٽن طرفان آيل سوکڙيون کي لاڳه سڏيندا آهن.

شادين جي موقع تي ڳائڻ ۾ ايندڙ 'لاڏا' گهڻو ڪري استرين جا ئي، رچيل هوندا آهن. استرين شاعري جي قاعدن قانونن ۾ ڪو نه جڪڙيون آهن، ان ڪري انهن گيتن (لاڏن) ۾ نه لئه ٿي ملي ۽ نه ماترائن يا بحر وزن جو ڪو خيال رکيل آهي. استريون ڳائڻ وقت انهن گيتن جي ننڍن وڏن پدن (مصرائن) کي ڇڪي ڪري ادا ڪنديون آهن. ان ڪري لاڏن جو صحيح لطف تڏهين ٿي وٺي سگهبو آهي جڏهين اهي ڳائبا پيا آهن.

لاڏن جو جيتوڻيڪ سڌو سنئون لاڳاپو شاديءَ جي موقعي سان آهي، پر تڏهين به ڇٺيءَ، ڄڻين ۽ ٻين اهڙن خوشيءَ جي موقعن تي به ڳايا ويندا آهن.

هيٺ هن ليک ۾ مان وواه سان لاڳاپو رکندڙ لاڏن جو ذڪر ڪندس.

لاڏن کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائي ٿو سگهجي. جيترا شاديءَ جا سڳڻ سات اوترا لاڏن جا قسم هوندا آهن، بلڪ ان کان به وڌيڪ.

لاڏن ۾ گهڻو ڪري گهوٽ، ڪنوار ۽ سيڻن جو بيان هوندو آهي. اهڙن وارن گيتن ۾ کل مزاق جو حصو جان تان وڌيڪ هوندو آهي.

”هو ڇٽي لاڏل گهوٽ جي،
ڙي وهڏيا لاڏا،

او ڀر ٻڌه ڀهڄي ڀيڻ،
شل رنگ ماڻيندين،

ڀلي گهوڙي ٻــلاٽي،
لاڏل هلندم ساهري،

سهرو نه ڏٻندس ڏاج،
ڙي وهڏيا لاڏا،

سر نه ڏيءِ جي ڪاڻ،
لاڏل سدا ماڻيندين.“

هي لاڏا گهٽي ڀاڳي ڙالن جا ٺي رچيل آهــن. ان ڪري انهن گيتن ۾ ڪو ربط، ڪا جوڙجڪ رکيل نــ، آهي. ان سواءِ لاڏن جا ٻي هڪ ڳالهه، آهي سا آهــي ڌهر. هڪ ٻــڌ نڅون هوندو نه ٻاقي ٻيو سڀو ڪيمس اهو ٻڌ ٻيو جدا جدا لفظن ۽ چيزن جي ڙالن ڳان ڦرندو گهرندو.]

بوچٽي پرڻ:-

واڏائيءَ کان پوءِ گھوٽيڻن جي گھر ۾ ڀاڻو جي ڏيڻ
تي گھوٽ جي پاران لاءِ بوچٽي پرڻ آهن جا سوني
ڪپڙي جي هوندي آهي- گھوٽيڻن جي گھر ۾ واڏائي
کان وٺي لاڏا چوڻ ۽ چوائڻ شروع ٿيندا آهن- بوچٽيءَ
بابت ڪي ٿي لاڏا آهن، جيئن ته:

”وڻهي سرتين ۾،
پاپل جي بوچٽي پرايان،
ڳاڙها ساوا تنهن تي،
گل ته چٽايان،
سهٽي آدل جي،
ڪنوار جا اهڃي،
بوچٽي پائي ته،
خوب سا ڪلهدي،
لاڏا ڳائي مان ته،
ڏيهه ڪي پڌايان،
وڻهي سرتين ۾،
جوڙل جي بوچٽي پرايان.“

بوچٽي گھڻو ڪري گھوٽ پيڻ تي پرهندي آهي.
هن هيٺين گيت ۾ اهڙو ئي ذڪر ڪيل آهي.

١

جڏهن ٻاٻل جڳو،
سونو سهڻو،
ٻکي آدل کي ٻاٻان،
سڏي سمجهايان،

٢

ڳانو ٻاٻل کي،
ٻيو ٻه جو سونهندو،
او هٿين مينڊڙي لايان،
سڏي سمجهايان،

٣

منڊي ٻاٻل کي،
هٿ ٻه جا سونهندي،
هيري ٻڙو ته جڙايان،
سڏي سمجهايان."

وري شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ، تيل ۾ هيٺ ۽ اَنو ملائي ڳوهي چانٽي ٺاهي ان سان گهوٽ جي ٻدن کي (ڪنوار کي ٻ) مهٽي صفا ڪيو ويندو آهي. اهو سڀ صفائيءَ جي لحاظ کان ڪيو ويندو آهي. اها رسم اسان سنڌين ۾ ڏالي مانڍ وڃي رهي آهي، ٻيو مارواڙين ۽ ڪڇين ۾ اڃا سوڌ ۽ هلندي پيئي اچي. هن رسم کي 'تيل' لڳائڻ يا اُٻٽڻ چوندا آهن.

ساٽ سڳڻ-

وانديءَ بعد نئون گرهن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، جنهن کي نئوگرهي چوندا آهن. انهن گرهن جي پوڄا لاءِ پاڻي، نديءَ تان ڀري آندو ويندو آهي، جيئن پوڄا ۾ اوجل جل ڪتب آندو وڃي ۽ سو ٻه ٽين گهڙي يا دلي ۾. ان لاءِ پوتر ٽانءَ جو وڏ پڪ ڌيان رکيو ويندو آهي. ان ساٽ کي گهڙي سڏيندا آهن. اڄ ڪلهه نديون شهر کان دُور هٽي ڪري پيون آهن، تنهن ڪري پاڻي کوه يا نلڪي تان آندو ويندو آهي.

ٻئي ڏينهن ٽي ٻڪيءَ جو ساٽ ڪيو ويندو آهي. شاديءَ جي وقت مهمانن کي کارائڻ لاءِ اڳواٽئي اناج صاف ڪيو ۽ ڇنڊيو ويندو آهي. اُن سهاڳڻيون ئي ڇنڊينديون آهن. ان سڳڻ کي ٻڪي چوندا آهن.

اهو سڀ وهانوءَ کان ڪي ڏينهن اڳ (رواجيءَ طرح ٽي ڏينهن اڳ) اَن مٽي، ڇڏڻ ٽي ساٽ پائڻ وغيره ڪيو ويندو آهي. اهي سڀ ساٽ ٻرهمڻ ڪرائيندو آهي. جنهن کي نئوگرهي نه چئجي، ان کي ڏيو (ديوتائون) ٿامڻ (مدائڻ) ٻه چوندا آهن. ٻوءِ گهوٽ کي ڳانو ٻڌو ويندو آهي.

انهن ساٽ سڳڻن بابت هڪ گيت آهي ته:

ان سواءِ انهن ساٽ سڳڻن جا ٻيا ۽ گيت آهن، هي
هڪ گيت ڏيون جي ٻهرن رات ٻاهت آهي ته:

”ٻهرن رات لاڏي،
ڏيو وڄايا،
سڏي ڀائرن کي
وٺي سمجهايا،
هي ڏيهن آيا،
ڀلا ڙي پيٽر،
هي ڏيهن آيا،
ڀلا ڙي پيٽر،
هي ڏيهن آيا،
چڱا ڙي جيجل.“

٢.

ٻڪيءَ رات لاڏي،
ٻڪڙي وڄائي،
ماءُ گهر تنهن کي،
سدر لڳائي،
مهل ٻڪيءَ جي آئي،
مٺهڙا جوڙل،
هيءَ ويل ڳايان،
گهوري ته ماءُ.“

٣.

ٽيل رات لاڏي،
پانر گهرايا،
پيٽيڻن کي ته،
ڪوٽ ڪرايا،
سدا آئي هيءَ ويل،
گهورڻ ته ٻيءُ.“

هي ٻيو گيت 'تيل' رسم جو آهي:

١.

"تيل جي ڏينهن،
لاڏي ماما گهرايا،
ٻيڙي ڪوني،
سڏي سي وهاريا،
مامن موڙ هڻي لاٿان،
سڏي سي سمجهايان،

٢.

تيل پاتل ڪي،
مٿي تي لڳايو،
ٻيو وجهي،
پانڌ پر چاڙهيو،
مان لاڏا ني ڳايان،
سڏي سمجهايان،

٣.

اهو لاڏل جو
سدا نه سهڻو،
پاڻي ڇيو پيدم من جو موهڻو
وٽي ڪانگ اڏايان،
سڏي سمجهايان."

اوران پنھنجي سالي ،
سان اوري ،
پاڻ پلا وڻي پاڻان ،
لاڏل کي سڏي سمجھايان ،

-٣

اھڙ ھٿن ۾ ،
ڪاڻي نہ ڪڏائي ،
ڪيو ھن کي ،
گھوٽ پر چڙائي ،
گيت خوشيءَ جا ڳايان ،
لاڏل کي سڏي سمجھايان ،

-٤

اھڙ پاڻي اپڏي ،
وڏي ڌماڪ سان ،
لاڳي نہ وڌي ،
خوشي خوراڪ سان ،
جوڙا سنگت ۾ ڳڍايان ،
لاڏل کي سڏي سمجھايان - "

مٿين گيت ۾ اھڙ جي اھميت جو ذڪر ڪيو ويو آھي ڪن ٻين گيتن ۾ اھڙ سان جي چرچا ڪيا ويندا آھن، تن جو ورنن ڪيل آھي. ان موقعي تي اھڙ اُپ ڪاوڙ ۾ پا چڙندو ڪرڻ آھي.

اهڃر :—

شاديءَ جي ڏينهن کان ٽي ڏينهن اڳ، ڏيڻ جي وقت تي 'اهڃر' ٻ، مقرر ڪيو آهي. اهڃر گهڻو ڪري پيٽيو تي هوندو آهي اهو هر وقت گهوٽ سان گڏ رهندو آهي، جيستائين ڪ شادي جو ڪارج راس ٿي وڃي. اڳ واري زماني ۾ جو شاديون دور دور تي ڪيون وينديون هيون ۽ ڇڪي ڪري وڃبو هو، تنهن زماني ۾ آمد رفت سلامتيءَ واري نه هوندي هئي، تڏهين اهو اهڃر گويا گهوٽ جو انگ رکشڪ (باڊي گارڊ) ٿي هلندو هو. اهڃر کي هٿ ۾ ترار (ننگي) کڻڻي پوندي هئي. اهو سڳڻ اڄ سوڌو قائم آهي. انهي کي ڪافي اهميت آهي. شادي جي ڏينهن ۾ اهڃر سان چرچا به ڪيا ويندا آهن. اهڃر بابت هڪ اهڙو ٿي گيت آهي ته :-

"واهه لاڏل تنهنجو،
اهـــڃر ســهــڻو،
مڙجون تـــو ماڻي،
مـــن جـــو مـهـڻو،
پتاشا خرب وراهايان،
لاڏل کي سڏي سمجهايان،

-٢

گهوران گهوٽ تان،
اهـڃر گـهـوري،

مسلمانن ۾ به اهندر جو رواج آهي. پر هندن ۾ اهندر
کي وڏي اهميت آهي.
اهندر بابت هي هڪ پيو به گيت آهي جنهن ۾ هن
سان جي ڇوڪرا کيا ويندا آهن، تن جو ذڪر ٿيل آهي.
گيت آهي ته :-

۱. " هـــن اهندر کـــي لـــه،
ٽوپي لـــه ڪاڻهي،
اڙي مٿو ڪٽا ٿيندو،
ٿـو، ولـي ولـي،

۲. هـــن اهندر کـــي لـــه،
قميص لـــه ڪاڻهي،
اڙي هي ته پيٽ ڪٽا ٿيندو،
ٿـو، ولـي ولـي،

۳. هـــن اهندر کـــي ته،
بوٽ لـــه ڪڻهي،
اڙي پير ساڙيندو،
ٿـو، ولـي ولـي.

۴. هـــن اهندر کـــي ته،
نـوٽ له ڪونهن،
اڙي هي ته پيا ڳوليندو،
ٿـو، ولـي ولـي.

۵. هـــن اهندر کي لـــه،
پئسا لـــه ڪونهن،
هي ته ڏکرپون ميڙيندو،
ٿـو، ولـي ولـي،
اد پـون اسانجو تـه،
ڏســو ڙي اهندر. "

سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن جون ڪي ڪي شاديءَ جون رسمون پاڻ ۾ ملي جلي ويون آهن. جيئن ته هندو گهرن ۾ وهانو ڪان ٽي ڏينهن اڳ، جڏهين ڏيون جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، ان ڏينهن ڪان وٺي ڪنوار پتا پنهنجي چوڪريءَ ڪي ونواه ۾ ويهاريندا آهن.

چوڪري انهن ٽن ڏينهن ۾ گهر ڪان ٻاهر نه نڪري ڏيون جي پرسان ٿي ويٺي هوندي آهي. ڪپڙا ڪو نه بدلائيندي آهي چوڪريءَ جي بدن ڪي ڪٽڪ جي ڳوهيل اٽي جي چاٽيءَ سان صاف ڪيو ويندو آهي. شهري هندن ۾ اهي سات سوڻ آهستي آهستي گهٽبا ويا آهن. لڏ پلاڻ بعد ته آڪي باقي انهن رسمن ڪي پڄو اڇي ويو آهي. اهو رواج مسلمانن ۾ به هوندو آهي جو هن هڪ سهري (لاڏي) مان ظاهر آهي-

" ادل جي ڪنوار ڪي،
ويهارينو ونواهه ۾،
ويهارينو ونواهه ۾،
بگلي جي چانو ۾،
هٿ ادل جا مينديءَ رتا،
ڳاني جو ڙ پٽارو،
ادل جي ڪنوار ڪي،
ويهارينو ونواهه ۾،
هيٺ ادل جي هرٽا مهري،
گاشي جو ڙ پٽارو،
ادل جي ڪنوار ڪي،
ويهارينو ونواهه ۾. "

جڙي جوڙ ٺھيل و،
لاڏل گھوٽ ٺھيل و.

لاڏل لٽھجي تہ،
اُوچٽي سھٽي،

آهي آوَنڪ* لـہ،
مَن جي موھٽي،

گلن جوڙ لاٿو،
ٺيو لاٿو سجايو،

لاڏل گھوٽ ٺھيل و،
جڙي جوڙ ٺھيل و.

مڻڪ لٽھجو موتين سان،
پاڻي اچ لاڏا،

لاڏل، اوڏ پورو،
ماءُ گھر گل چٽيو،

سس سھا ڳڻ وٽيو،
سالين چونڊي چونڊي ڪڍيو.”

مڻڪ پڌ ٺ واري وسم سان گڏ اِي ہ ڏرمي ڪرڻا ڪٽي وڻدي آهي جنهن کي ڏ ڪ. سڏ ڻدا آهن. ڏ ڪ جي وقت ڪلوار لاءِ زيور ايندا آهن پا ڪلوار پٽن

* آوَنڪ = پوت جو قسم.

ڏِڪڙ :-

شادي جي ڏينهن ٻهراڻ منڊڪ پڌڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي جنهن کي ڏِڪڙ چئبو آهي. منهن مائٽن ۽ ڳوٺن جي پيڙهين اڳيان ڀرهڻ ۽ پٺين کان موڪل وٺي گهوٽ کي منڊڪ پڌندو آهي. ان وقت گهوٽ کي ڪرشن ڀڳوان جو روپ سمجهيو ويندو آهي. گهوٽ کي هيٺ لي فقط ڌوتي هوندي آهي.* ان منڊڪ جا ٻه لاڏا آهن.

هڪ ڳالهه ته ٻان جوڳي آهي ته اڳ ڏڪڙ جا ساٿ ٻا منڊڪ پڌڻ سنجها جو ڪندا هئا ۽ ويڏي (وهانو) پرڀات جو، جنهن گي سنڌن جو وهلو ٻه سڏ ڀيدا آهن. (اها رسم ڪيترن غير سنڌي هندن ۾ اڃا سوڌي قائم آهي.) اهڙو بيان لاڏن مان ملي ٿو -

" لاڏا، تنهنجو منڊڪ سهڻو،
موتين جـــوڙ لاـــو،
لاـــو سڄا ڀـــو،
لاڏل گهوٽ ليندو،
ادـــون ڙي،
اســـر ويـــل جـــو،
پيـــهـــر ڙي،
اســـر ويـــل جـــو،

---

* (مان هن وقت جي ڳالهه ٿو ڪريان).

چيچ پيال جي،
ڏاڍي رباب سان،
سم چوڙيندا هلو،
هلندا هلو،
هلندا هلو،
مهندي جوڙل جاچي."

ماجين (ڪنوار لاءِ) ڏت ٺهڪي تي چيچ ڪي شر است پاپڙ ڏنو وينڊو آهي. (اچ جيان مٺاڻون وغيره ڪونه ڪيون وينديون هيون). ان موقعي جو لاڏو آهي جنهن ۾ سس (ڪنوار ماءُ) چري ٿي ته:-

"گهوڙي چڙهي،
آيو مهندو لال،
ماٽس وڃهندي س،
گلن جو هار،
پيٽس ڏيندي س،
هٿ ۾ رومال،
گهوڙي چڙهي،
آيو مهندو لال،
نيڪليس گهڙائيو تو،
لاڏلي لال،
پانڄ واري ٺهندي،
نيندي ڪنوار.

ڏانهن هار سينگار جو سامان موڪليو ويندو آهي لڏهين هڪ استري ڪنوار کي ئي چوي ٿي:

” ڏک سندي ڏينهن،
لاڏي در ڙي گهڙائي،
اڙي هي ڏينهن چڱا،
ساهو ڪر سيڄ جو،
جامو ڪر جيڄ جو،
ڏک جي راس لاڏل،
* دلي نه موڪلي،
اڙي هي ڏينهن چڱا،
ڙي مولين هار،
تون نه ڪر سينگار. “

ڏک ڪان پوءِ گهوٽ کي گهوڙيءَ تي چاڙهي، جڏهن ونئي ڪنوارين ڏانهن ويندو آهي - ان وقت جو هي لاڏو آهي ته -

” آءُ لاڏا،
چڙهه گهوڙي تي،
مدهندا ملوڪ،
وهه ماڙيءَ تي،
مڪ پڏي،
واهه ڀڃين ٿو،

* دلي = زالن جي ٽولي.

لانون لهي،
وڃي ساهون ۾،
آءُ لاڏل،
"شل جڳ جيئين."

"سڳو گهڙا ڳم،
اوڻن اُڻون،
سهڻو لاڏل،
چڙهيو گهوڙي،
ماءُ لاڏل جي،
وهلا ئي ساري،
ڀيڻ ٿي ڀت ٿيان،
گهوران گهوري،
پيرڻ ته پالڻ جا،
ڀلو ئي چوڙي
وڏي وهنڊم،
ساجهر سوڙي،
ڪير چنيڊم،
اميدن واري،
ڪنوار آڻيندم،
ڪنهن جوري."

گهوڙيءَ چڙهي،
آيو منهنجو لال.
ڪنگڻيون گهڙائڻ ٿو،
لالنءِ لال،
ٻانڪ واري ٺهڻي،
سهڙي ڪنوار،
گهوڙيءَ چڙهي آيو،
منهنجو لال."

هن ٻئي گيت ۾ ڏوري ڪنوار ڏانهن مخاطب ٿي چوي ٿي ته:

"نيڪليس ٺهڻو گهڙايو،
مَن منهنجو ٺريو،
او چندن هار،
لاڏي ٽوڪي وٺيو،
ٺاهي ٺاهي ٻاهه،
ڏيءَ ٽوڪي وٺيو،
جڙائي سهاڳ،
لاڏي ٽوڪي وٺيو،
ڪنگڻ ٺهڻو گهڙيو
مَن منهنجو ٺريو."

هڪ ملتاني لوڪ گيت آهي، جنهن ۾ سهيليون دلهن (ڪنوار) کي ٺنگ ڪرڻ لاءِ چيڙائينديون چون ٿيون:

"اک جا، اک جا، ني راڌا،
کرشڻ پروانيءَ ڙي آيءِ،
ني مٽن-اکي ن، رهسان،
ڌرمي ـــاولي سڏاوي،
اک جا، اک جا، ني راڌا،
کرشڻ گهوڙي چڙھ آيءِ."

(اک وڇي، اک وڇي، اي راڌا، کرشڻ توکي گوالڻ آيو آهي.

ن، ن، مان ڪانه اڪدهس، هوُ مهڏجي پٽا جـي کوٺ ني آيو آهي.

اک وڇي، اک وڇي، اي راڌا، ڪرشڻ گهوڙيءَ چڙهي آيو آهي.)

ان بعد گهوٽ کي خاص منڊپ ۾ وهاريو ويندو آهي. اني گهوٽ کي سنان ڪرائي ڪپڙا بدلارايا ويندا آهن. جيئن وهڏيءَ ني اچو اُجرو ٿـي وهي-ان موقعي تي به ڪي لاڏا ڳايا ويندا آهن. نموني طور هڪ هيٺ ڏيان ٿو:

"لاڏل، لاه لونگي کو وڳو،
خود سيوهڻ جـي،
اکڙي مـوچاري،

ڄڃ :-

گهوڙيءَ تي چڙهي ڄاڃين سان گهوٽ سرگس ڪاهي هلندو آهي. ان کي ڄڃ چئبو آهي. ڄڃ ۾ ڄالون نه هونديون آهن- اڳي ته شادي ڳوٺ جو ڳوٺ ۾ ڪاڄ ڪٺي ويندي هئي. ڳوٺ جي هر نينگريءَ کي پنڌ سمجهو ويندو هو. ڄڃ ڪري ڳاڏن ۽ گهوڙن ۽ اٺن تي چڙهي ڪدوار واري ڳوٺ ڏانهن ويٺو پوندو هو. ڳوٺ هڪ ٻئي کان پري پري هوندا هئا، جنهن ڪري اتي پهچڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو هو. ڄڃ سان ڪاڏي پيتي جو سامان به کنيو ويندو هو.

ڄڃ بابت هي گيت آهي ته:

"هلندا هلو،
منهنجي ادل جا ڄاڃي،
ادل جا ڄاڃي،
منهنجي پاپل جا ڄاڃي،
پاپل گهوڙيءَ تي،
ڄڃ تي ڳاڏن ۾،
پيگ پيئندا هلو،
هلندا هلو.
نوٽ هٿن ۾،
ڪڙدا * کيسن ۾.
ناڇو واهيندا هلو،
هلندا هلو.

---

* ڪڙدا = رپيو- چٽا پئسا.

ويڙهي :-

ان کان پوءِ پره ڦٽيءَ جو گهوٽ ۽ ڪنوار کي آٽي پاڻين ۾ ويهاريندا آهن اهي پاڻيون ڪاٺ جون ٺهيل هونديون آهن. جن ۾ ڪپهه جا گد پلا جن کي لپر سڏبو آهي، سي پيل هوندا آهن- پوءِ ٻئي گهوٽ ۽ ڪنوار جا پلو ٻڌي ويڙهيءَ جا منتر اُچاريندو آهي. گهوٽ پيءُ پوسان ۾ هڪ ننڍيءَ صندليءَ تي ويهندو آهي. ويڙهيءَ کان اڳ ويڙهي جا لاڏا ڳايا ويندا آهن جيئن ته:

”ويو ويڙهيءَ لي،
واهه جو ويهندو،
ڏاجو ڏسي سيڪو،
خوش ٿيو ٿيندو،
شرابت پاڻ وراهيو،
ڇڃ کي کارايو،

٢.

هٿيالو ٻڌي لاڏل،
صندليءَ تي آيو،
پاڻيٺ گره ڪيئي،
وهاڻو ته ڪرايو،
جس جوڙل جو ڳايو،
ڇڃ کي کارايو،

آندي لاڏل جي ڀاءُ،
گهڙي ڪٽيندو ماءُ،
موڙا نا ڇوڙيندو ڀيڻ،
صندلي ۽ ويهندو ڀيڻ،
لاڏل لاڏ لونگي ڪر ويڙو.

٢.

سس سهاڳڻ وٺيو،
سالين چونڊي چونڊي ڪئيو،
سڳوري ۽ واري سس،
سهڻن واري سالي،
او لاڏل لاڏ لونگي،
ڪــر ويڙـــو."

هن ٽن ڀيڻن ڳالهه ٻڌي هو ٻيون ٻڌ ۾ جدا جدا ڏيور جو ذالو وجهي ٻڌو پيا ۽ ٻڌ جيڪي جو ليکن چيا ويندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جا لاڏا آهن، ٻو ٻين ٻولين ۾ اهڙي قسم جا ڪي لاڏا (گيمت) آهن يا، اهڙو ذڪر ڪنهن ۽ ڪتاب ۾ ڪونه ٿو ملي.

جڏهن ته گهوٽ ”مونکي انگيڪار آهي“ چئي
پنهنجي قبوليت ڏيندو آهي. هوم ڪرڻ وقت گهوٽ ۽
ڪنوار اگنيءَ ۾ آهو ڦيرون وجهندا آهن ۽ ان وقت ڪنوار
اگني ديوتا ۽ سورج ناراڻ کي چوندي آهي ته:
”مونکي هاڻي موڪل ڏيو ته پنهنجي پتا جي گهر
کان جدا ٿي ساهري گهر وڃان ۽ شل ساهري گهر کان
ڪڏهين به الڳ نه ٿيان ۽ پتيءَ سان هميشه گڏ رهان.“

گهوٽ به آهو ڦيرون وجهي ڪنوار جو ساڄو هٿ وٺي
چوندو آهي ته، ”مان تنهنجو هٿ گرهڻ ڪريان ٿو، شال
تون عمر ڀر مونسان گڏ رهين...“

پوءِ ڪنوار کي پٿر تي پير رکائي چوندو آهي ته،
”پٿر وانگر پنهنجي ڌرم تي مضبوط رهج.“

اهڙيءَ طرح اگني ديوتا، براهمڻ ۽ پنڊتن اڳيان
استري ۽ پرش جو هٿيالي، پلو پائي ۽ ٻين سنسڪارن
بعد پتي پتنيءَ جي روپ ۾ ملن ٿئي ٿو. ان بعد اگنيءَ
جي چوڦير گهوٽ ۽ ڪنوار ست ڦيرا ڏيندا آهن ۽
هر قدم (ڦيري) پٺيان وچن ڪندا ويندا آهن، جي آهن:

٣.

لاڏوا لهندو لاڏل،
اُسر جـي ويلي،
پرانهه ڪـال ۾،
امـبـرت ويـلـي،
لاڏا وٺي ڳاءو،
ڇيچ کـي ڪارايو."

وواهه سنسڪار جي رات ٿوري ۾ هن رات آهي ته پهرين ڏيوتائن کي نمنتڻ ڏنئي، سٿاپت ڪبو آهي ۽ پوءِ گهوٽ ڪنوار ڏيوتائن جـي پوڄا ڪندا آهـن. ڪنياڏان ٿيڻ کان اڳ، گهوٽ ڏيوتائن ۽ پنڊتن کي ڪي ساکي ڪري پرتگيا ڪندو آهي ته:-

"توهين سڀ خاطري ڪريو ته اسين پنهنجيءَ خوشيءَ سـان گرهست آشرم ۾ گڏجي رهڻ لاءِ هڪ ٻئي کـي سويڪار ڪريون ٿـا. اسان ٻنهي جا هردا پاڻيءَ وانگر ملي هڪ ٿي ويندا ۽ شانت رهندا."

گهوٽ جي اهڙيءَ پرتـگيا ڪرڻ تي ڪنوار پـيءُ پاڻ پلي پڙهائڻ بعد وڏيءَ سان ڪنياڏان ڪندي گهوٽ کي چوندو آهي ته:-

'مان پرماتما جي پراپتيءَ ۽ ڌرم حاصل ڪرڻ لاءِ هيءَ ڪنيا توهان کي پتنيءَ جي روپ ۾ ارپڻ ڪريان ٿو، توهان مهرباني ڪري هن کي سويڪار ڪريو."

ٽيون قدم :-

ڀڳتي :-

هي ڀڳتڻي! ڌن، سونهن، سوڀاڳيه حاصل ڪرڻ لاءِ ڀڳوان وشنو لڇمي جو هينئر ٽيون قدم اڳتي وڌائي.

ڀڳتڻي :-

هي سوامي! مان من، تن ۽ ڪرم جي شڌيءَ سان گرهست آشرم جي نيمن جو پالڻ ڪندس. توهان سان گڏ رهندي ٻي سک جو انڀو ڪندس. ڪڏهن به پرپرش جو ڪڏهن به ڌيان نه ڪندس.

چوٿون قدم :-

ڀڳتي :-

هي ڀڳتڻي! سنسار جي سکن ۽ پرلوڪ جي سکن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀڳوان وشنو توکي چوٿين قدم تي اڳتي وڌائي. مطلب ته ڌرم جا ڪرم ڪندي اسين ايشور جي ڪرپا سان هن سنسار ۾ سکي رهون ۽ پرلوڪ لاءِ به سمر ڪنو ڪريون.

ڀڳتڻي :-

هي سوامي! مان عطر ڦليل، سڳنڌي پدارٿن وغيره سان هار سينگار ڪري پوتر تا سان توهان کي ٿي خوش ڪندي رهندس. يعني ته منهنجي سونهن ۽ سينگار توهانجي خوشيءَ لاءِ آهي ۽ نه ڪه دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ.

ٻيون قدم :-

پتي :-

هي پتني! اَن حاصل ڪرڻ لاءِ ڀڳوان وشڻو توکي هڪ قدم اڳتي وڌائي، يعني اَن ڪٺو ڪرڻ، طاقت بخشيندڙ رس وارن پدارٿن جي رکشا ڪرڻ ۽ تيار ڪرڻ جي طاقت ڀڳوان وشڻو توکي ڏئي.

پتني :-

هي مانيور سوامي! ڏڌ، مڌ ۽ رس وارا ڀوڄن ۽ ٻيا جيڪي به طاقتوارا پدارٿ گهر ۾ آهن، انهن جي سنڀالڻ جي جڏهن به موکي آگيا ڪئي وئي ته مان پنهنجي ڪرتويه پالن ڪرڻ ۾ ڪڏهن به نه گسندس.

ٻيو قدم :-

پتي :-

هي پتني! شڪتي ۽ طاقت بخش پدارٿن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀڳوان وشڻو توکي ٻيو قدم اڳتي وٺي هلي.

پتني :-

هي سوامي! هاڻي مان توهان جي گهر هلي رهي آهيان. مان توهانجي ڪٽنب جي سيوا ڪندس، هميشه مٺو ڳالهائيندس. دک ۾ ڌيرج ڌارڻ ڪندس ۽ سک ۾ سکي رهندس.

ستون قدم:-

پنڊت:-

ڀڳوان وشڻو هن ستين قدم لئي تڪي وڌائي، اسانجي پريت جي ٻيج کي پختو ڪري، پوءِ ته اسين پاڻ ۾ انجام نا ڪريون ته هن ستين قدم لئي اسانجو ناتو پختو ٿي چڪو ۽ ڀڳوان جي مهر سان اهو اٽل رهندو.

پنڊت:-

هي سوامي! هوم، يگيه وغيره ڪارن ۾ مان توهان جي سهائڪ ٿيندس. ڌرم، ارٿ، ڪام جي ڪارن ۾ مان جيءَ جان سان توهان جو ساٿ ڏيندس. سڀ ساکي آهن ته توهين هاڻي منهنجا پتي ٿي چڪا آهيو. انهيءَ ڪري هاڻي مان پنهنجو پاڻ، تن، من، ڌن، سڀ ڪجهه توهان کي ارپڻ ڪريان ٿي.*

وهانءُ ڪري جڃ واپس موٽندي آهي، گهر پهچڻ تي گهر جي ٻاهرين دروازي وٽ ٿي ڪنوار جي مٿي تي ڏيئو ٻاري رکندا آهن، ان جو مطلب هوندو آهي ته ڪنوار روشني کڻي ٿي اچي، گهر کي پرڀايو ۽ روشن رکندي. ان سان گڏ گهوٽ ڪنوار اڳيان کير کنڊ جا چنبا پـ وجهندا ويندا آهن ته هي نئين ڪنوار سيڌي سان کير کنڊ ٿي هلندي.

* مهراج ڪشنچند جيٽلي (پونا) معني ڪري موڪلي.

پنجون قدم:-

پتي:-

هي پتني! ڳائين، مينهن وغيره پشن ڌوارن حاصل ٿيندڙ سک جي پراپت ڪرڻ لاءِ ڀڳوان وشڻو توکي پنجون قدم اڳتي وڌائي.

پتني:-

هي سوامي! مان هميشه سکين ساهيڙين سان گڏ هوندي پڻ گهر جي ڪم ڪار ۾ مشغول رهنديس. تنهن کان سواءِ هميشه توهان جي چرڻن ۾ رهنديس.

ڇهون قدم:

پتي:-

هر هڪ مند ۾ پيدا ٿيندڙ پدارٿن مان ملندڙ سکن جي پراپت ڪرڻ لاءِ ڀڳوان وشڻو توکي ڇهون قدم اڳتي وٺي هلي.

پتني:-

مانيور سوامي! گهر جا سڀ ڪم ڪندي مان سک جو انڀو ڪندس. سس سهري جي سيوا ڪندس. مٽن مائٽن جو آدرستڪار ڪندي رهندس. جتي توهين رهندا اتي مان به توهان سان گڏ رهندس. مان توهان سان سدائين پريت جو پالن ڪندي رهندس ۽ توهان مان پڻ پورش ۾ اهڙي ئي آشا رکان ٿي.

" لاڏل جـي گهر ،
ماما جو سونهن ٿا ،
لاڏل جون ماميون ،
گهـرن لاڳـن ،
جوڙل مڌهجي جو ،
ڪليو نـم پاڳـن ،
هيٺ ٿي پتلون ،
جهپلا سونهن ٿـا ،
اڙي ، جوڙو ٿـ ،
ڏرڻـدار آ ،
روپهن ستارن سان ،
رٿو ڌ چمڪيدار آ ،
مائٽ لاڏل جا ،
ڪليو ٿـ ڪلن ٿـا ،
او لاڏل ، تنهنجو ،
گاڏو هلي ڌڌ ڪار سان."

هن موقعي سان ٺهڪندڙ هڪ پنجابي لوڪ-گيت آهـي ، جنهن ۾ ڏيءَ پنهنجي پيڪن وٽان مليل ڏاج ڏيوڻ بابت چوي ٿي ته :-

" ... سڀ ڏن ڏنا بابل ،
سڀ ڏن ڏنا ،
اڪ نہ ڏنا پوري مڃ ،
سوهرا ڪانيان ماري ."

"کير ڪريو نه، ڪريو،
گهوٽ گهوڙيءَ چڙهيو،
هڪ لڱ نگ، ٻيو ڦوٽو،
ادل ونءِ ونءِ موٽيو."

ٻئي ڏينهن تي ڪنوار کان گهر جي مڙن مائٽن سان ڏئي مٽيندا آهن جنهن ۾ لوڻ مٽيندا آهن. ڪنوار لوڻ جي مٺ ڀري مائٽ کي ڏيندي آهي ۽ موٽ ۾ مائٽ ڪجهه خرچي ڏئي ساڳيءَ طرح پاڻ ۾ لوڻ جي مٺ ڀري ڏيندو آهي. هن ساٽ جو مطلب آهي ته جهڙيءَ طرح ڪاڌي ۾ لوڻ کان سواءِ ڪو سواد نه هوندو آهي تيئن ڪنوار ۽ مٽ مائٽ هڪ ٻئي ۾ رلي ملي، گهر ۽ ڪٽنب کي سوادي ڪندا رهندا.

ٻيو مطلب اهو آهي ته نمڪ (لوڻ) ڏيئي ونءِ پاڻ کي هڪ ٻئي جو عزيز بڻائيندا آهن. سنڌي ۾ چوڻي آهي ته:-

"هميشه نمڪ حلال ٿجي ۽ نه نمڪ حرام."

ان ڏينهن کان پوءِ مٽ مائٽ موڪلائڻ شروع ڪن. هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃڻ جي تياري ڪندو آهي. گهوٽ ٻيءَ وهانو جي ٻئي ڏينهن تي مجلس ڪندو آهي. وهانو کان هڪ ٻه ڏينهن پوءِ ۾ گهوٽ گهر لاڏا ڳايا ويندا آهن، جو هيٺين گيت مان ظاهر آهي-

زيور:-

سنڌي لاڏن ۾ زيورن جو ذڪر جان تان وڌيڪ ايندو آهي. ڏسو هي گيت:

"اسانجي لاڏيءَ،
ڦلڙي ۽ سونهندي،
اسانجي جوڙل،
مڊيڙي جو ونهندي،
لاڏل جهڙو،
نه آهي، نظر ۾،
سڀئي سکڻا کان،
ساجن سٺو آ،
ڳالهين ڳوڙهو،
ڪائيءَ مٺو آ،
سوٻل جهڙو،
نه آهي نظر ۾،
ڏيهه ۾ ڏسان ٿي،
سهڻا گهڻيرا،
مهنجي ملوڪ جان،
آهن ٿوريرا،
هيري جهڙو،
نه آهي نظر ۾."

(...منهنجي پيءُ مونکي گهڻو ئي پئسو ڏنو، پر هڪ پوري مينهن نه ڏني. سهرو مونکي طعنا هڻي رهيو آهي.)

